## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو

# نمازجي دعوت ڏيڻ

19 فيبروری 2026



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ

**(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اج جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **نماز جي دعوت ڏيڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **فرض نمازڪان بعد جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللهُ الْڪَرِيم!

# نماز جي دعوت ڏيڻ

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان پنهنجي محفلن کي مون تي درود پڙهي سينگاريو، بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو. [1]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال نمبر 3

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جي فضل سان اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ نيڪ عملن جا مختلف رسالا عطا فرمايا آهن تہ جيئن اسان انهن سوالن جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺي گناهن کان بچڻ سان گڏوگڏ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪري سگهون. اج اسان 72 نيڪ عملن جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 3 جي باري ۾ سکنداسين.

ڇا اج اوهان گهر، بازار، مارڪيٽ وغيره جتي بہ هئا، اتي نماز جي وقتن ۾ نماز

1⋯ مسند الفردوس ، جلد:2، صفحہ:291،حديث:3330۔

پڙهڻ کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ (ڪاش! پنج ئي نمازن ۾ ڪنهن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو ها.)

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

وَ اْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَ اصْطَبِرْ عَلَيْهَا

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز جو حڪم ڏيو ۽ پاڻ به نماز تي ڄميل رهو. (پاره: 16، سورة طٰہٰ: 132)

هن مبارڪ آيت ۾ **اهل** مان خاص طور تي عزيز ۽ قريب يعني گهر واري، ٻار، پيڻ ياءُ وغيره وغيره ۽ عام طور تي سمورا مسلمان مراد آهن. **(1)**

**تفسير قرطبي ۾ آهي:** آيت مبارڪ ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خطاب فرمايو ويو آهي، البت هن حڪم ۾ سڄي اُمت شامل آهي ته هر شخص کي گهرجي ته هو پاڻ به پابندي سان نماز پڙهي ۽ گهر وارن سان گڏوگڏ ٻين کي به ان جي خوب دعوت ڏئي.[2]

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ صدقو آهي.[3] اهڙي طرح هڪ ٻي مقام تي آهي: جيڪو شخص هدايت جي طرف سڏي ته ان کي تمام عمل ڪندڙن جيترو ثواب ملندو ۽ انهن (عمل ڪندڙن) جي ثواب ۾ ڪا به ڪمي نه ٿيندي.[4]

**مختصر شرح:** هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو: جيڪڏهن ڪنهن جي دعوت سان هڪ لک نمازي ٻڌجي وڃن ته دعوت ڏيندڙ کي به هڪ لک نمازن جو ثواب ملندو رهندو.[5] اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه لکن ٿا: جڏهن به نماز لاءِ مسجد ڏانهن وڃڻ

---

1... تفسير رازى ،پاره:16،تحت الآية :132،جلد:8،صفحہ:115۔
2... تفسير قرطبى ،پاره:16،تحت الآية :132،جلد:6،صفحہ:122۔
3... مسلم ،كتاب الزكاة ،باب بيان ان اسم الصدقة ...الخ ،صفحہ:362،حديث :1006،ماخوذاً۔
4... مسلم ،كتاب العلم ،باب من سن سنة حسنة او دعا الى هدى...الخ ،صفحہ:1032،حديث :2674۔
5... مرآة المناجيح ،جلد:1،صفحہ:160۔

لڳو تہ ٻين کي بہ ترغيب ڏئي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو، جيڪڏهن توهان جي ڪري هڪ بہ نمازي بڻجي ويو تہ جيستائين هو نمازون پڙهندو رهندو، ان جي هر هر نماز جو ثواب توهان کي بہ ملندو رهندو.[1] ۽ جيڪڏهن ڪو شخص نماز جي دعوت تہ ڏئي پر ڪو بہ نماز لاءِ حاضر نہ ٿئي، تہ پوءِ بہ جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو تہ ڪيس ثواب ضرور ملندو.

## نماز جي دعوت ڏيڻ جي متعلق مختلف احڪام

(1): نماز نہ پڙهڻ واري متعلق جيڪڏهن غالب گمان آهي تہ ڪيس نماز جي دعوت ڏينداسين تہ هو نماز پڙهندو، تہ ڪيس نماز جي دعوت ڏيڻ واجب آهي، جيڪڏهن نہ ڏني وئي تہ گناهگار ٿينداسين. (2): اهڙي طرح جيڪو بغير ڪنهن شرعي عذر جي جماعت ڇڏي ڪري نماز پڙهي ٿو، ان بابت بہ جيڪڏهن غالب گمان آهي تہ ڪيس سمجهائينداسين تہ هو جماعت سان نماز پڙهڻ شروع ڪندو، تہ هاڻي ڪيس سمجهائڻ واجب آهي، جيڪڏهن نہ سمجهائينداسين تہ گناهگار ٿينداسين. (3): جڏهن ٻار جي عمر 7 سال ٿي وڃي تہ سرپرست تي لازم آهي تہ اُن کي نماز جو حڪم ڏئي، جڏهن 10 سالن جو ٿي وڃي ۽ نماز نہ پڙهي تہ مار ڏيئي پڙهائڻ واجب آهي، جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ سرپرست بہ گناهگار ٿيندو.[2]

## نماز جي دعوت ڏيڻ جا فائدا

۞ نماز جي دعوت ڏيڻ وڏي نيڪي آهي ۞ خود پنهنجي نمازن جي بہ پابندي ٿيندي آهي ۞ جيڪو نماز جي دعوت ڏئي، ان جي دعوت سان جيترا ماڻهو نمازي بڻجندا، انهن جي نمازن جو بہ ثواب ملندو رهندو ۞ نماز يا ڪنهن بہ نيڪ ڪم جي دعوت ڏيڻ صدقو آهي ۞ جيڪو نماز، روزي وغيره نيڪ ڪمن جي دعوت ڏئي، ان جي لاءِ هر هر ڪلمي جي بدلي هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو آهي ۞ جيڪو نماز وغيره يا ڪنهن بہ نيڪ ڪم جي دعوت ڏيندو آهي ، قيامت جي ڏينهن ان کي جنت الفردوس نصيب ٿيندي.

1 نیکی کی دعوت،صفحہ:130۔

2 فتاوی رضویہ جلد:10 ،صفحہ:345-346، بتغیر قلیل۔

# نماز جي دعوت ڏيڻ جي عادت بنائڻ جا طريقا

۞ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي فضيلتن ۽ فائدن کي نظر ۾ رکو ۞ وڌ کان وڌ نيڪيون گڏ ڪرڻ جي حرص پيدا ڪريو ۞ جڏهن به نماز لاءِ مسجد وڃو ته رستي ۾ جيڪو به شخص ملي ان کي نماز جي دعوت ڏيندا وڃو ۞ صبح جو جڏهن فجر لاءِ اُٿو ته ٻين کي به جاڳايو! ۽ رستي ۾ به فجر لاءِ جاڳائيندا وڃو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر: 3 جي مطابق نماز جي دعوت ڏيڻ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي، نيت ڪريو ته پاڻ به باجماعت نماز پڙهنداسين ۽ ٻين کي به نماز جي دعوت ڏينداسين. اِنْ شَآءَاللهُ الكَرِيْم!

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بجاهِ خاتمِ النبيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

## فرض نمازن کان بعد جي دعا

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو:** اي الله! تون سلامتي ڏيڻ وارو آهين ۽ توکان ئي سلامتي ملندي آهي، تون برڪت وارو آهين، اي جلال ۽ بزرگي وارا. (1)

# اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

## روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟

**(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا

1 ... مسلم ،كتاب المساجد ،باب استحباب الذكر بعد الصلاة ،صفحه:217،حديث 592۔

ٻڌي ورتي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيح فاطمہ ۽ سُوْرَةُالْاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اڪين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ (12): 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): "توهان" ۽ "جي" چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر جي لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهہ ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ڪاڌو کاڌو؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟

(33): تهجد يا صلوٰةالّليل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون

نمازون پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گهري ڪري شيون استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت"مدني چينل" ڏنو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41):وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا

لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (49):اسراف کان بچيؤ؟ (50): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (51): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (52): زبان جي گناهن کان بچيا؟ (53): فضول ڳالهين کان بچيا؟ (54): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (55): عمامو شريف ٻَڌو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهر مان موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏنو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن بہ ڏينهن روزو رکيو؟ (63): هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64): علائقائي دورو ڪيو (65): پهريان اچڻ وارن پر هاڻي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟